# ”مارئي، مارُو ۽ ملير“

(ڪهاڻي سنڌ ڄائيءَ سنڌ راڻيءَ جِي)

محمد ابراهيم جويو



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# "مارئي، مارُو ۽ مليرَ"

(ڪهاڻي سنڌ ڄائيءَ سنڌ راڻيءَ جي)

سنڌيڪار
محمد ابراهيم جويو

نڪا جَهلَ نہ پَلَ، نڪو رائُرُ ڏيهہ ۾
آڻيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گلَ
مارو پاڻ اَمُلَ، مليرون مَرڪڻو.
"شاهہ"

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو
2010ع

كتاب جا سمورا حق ۽ واسطا قائم

چاپو پهريون جون 2010ع تعداد 1000

هن كتاب جي كنهن به حصي كي، ناشر كان اڳوات حاصل كيل اجازت كانسواءِ اليكٽرانك يا ٻئي كنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي. استعمال نٿو كري سگهجي.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

قيمت: پنجونجاهه رپيا

[Price Rs.55.00]

**خريداريءَ لاءِ رابطو:**

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Website: www.sindhiadabiboard.org

E-mail: sindhiab@yahoo.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو مان پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

ڪنهن بہ سماج ۾ فرد جي مجموعي فڪر ۽ شعور جي احاطي ڪرڻ ۾ ماحول، مادي حالتن، دنياوي ۽ سماجي حقيقتن وغيره جو وڏو دخل هوندو آهي. انهن سيني عوامل ڪان سواءِ هڪ اعليٰ ۽ آدرشي فرد جو نهڻ ناممڪن آهي. هر دور ڪي پنهنجي اهميت ۽ پنهنجي شناخت هجي ٿي. دور فردن ڪي جنم ڏئي ٿو ۽ فرد شاندار تاريخن ڪي جنم ڏين ٿا. سنڌ جو ناميارو ڏاهو ۽ دانشور سائين محمد ابراهيم جويو صاحب بہ انهن ئي فردن مان هڪ آهي.

اها بہ حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ علم ادب ۽ شعور جي ڏياٽي ٻارڻ ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جن جو وڏو ڪردار آهي. سندن علم، فهم، ڏاهپ ۽ دانش جي ڇاپ اڄ جي نوجوان ٿهي ۽ سينيئر ٿهيءَ جي عالمن ۽ دانشورن تي رهي آهي. مان ڄيڪڏهن اهو چوان، تہ سنڌ ۾ جيڪا بہ جديد ترقي پسند ۽ فڪري رجحانن جي جيڪا ترقي ٿي آهي، اها گهڻي ڀاڱي سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جن جي مرهونِ منت آهي تہ غلط نہ ٿيندو. سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جون سنڌ لاءِ ڪيل خدمتون تہ وسيع آهن، پر سندن جيڪي خدمتون سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪيل آهن، اهي تہ خصوصاً 'رول ماڊل' جي حيثيت رکن ٿيون. جويو صاحب جن جي اهڙي علمي ۽ ادبي ڪاوش هن ڪتاب ۾ پڻ پسي سگهجي ٿي.

هن ڪتاب ۾ بہ نظم شامل آهن انهن ٻنهي نظمن مان هڪ نظم شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جو انگريزيءَ ۾ لکيل آهي. جيڪو سائين محمد ابراهيم جويي صاحب سهڻي سنڌيءَ ۾

ترجمو ڪيو ۽ ٻيو نظم ’اي سنڌ جائي!‘سندس پنهنجو لکيل آهي. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي نظم جو سنڌي ترجمو جڏهن اخبار ۾ ڇپيو تہ وڏو ترتلو مچي ويو، نظم جو پڙلاءُ محترمہ تائين بہ رسيو. هن نظم کي شهيد محترمہ خوب ساراهيو ۽ داد ڏنو.

قبلہ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جن جي خاص دلچسپي ۽ هدايتن تحت هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي 57 هين جنم تقريب جي موقعي تي خصوصي اُپاءَ وٺي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. شهيدِ جمهوريت محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي لازوال سياسي خدمتن کي ڪنهن قدر ڀيٽا ڏيڻ لاءِ هيءَ هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي. اميد آهي تہ پڙهندڙ حضرات جي خدمت ۾ قبول پوندي.

15- جون 2010ع
بمطابق 3- رجب المرجب 1431ھ
ڄام شورو، سنڌ

**پروفيسر سيد زوار نقوي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# "ڪماڻي سنڌ جائي سنڌ راڻيءَ جي"

[اي وطن! تنهنجي معصوم شهيد ڌيءَ
اسان سيني جي ماءُ
پنهنجي شهيد پيءُ
پنهنجي هڪ شهيد ڀاءُ
ٻئي شهيد ڀاءُ
پنهنجيءَ مهريءَ ماءُ جي نازڪ صحت جا بارَ-
راڄ راڄوٽپ، سياست، تاريخ
جا بارَ تن ڪان سواءِ
بَرسِر ڪري، وطن ويڳاڻيلَ
تو وٽ واپس آئي،
۽ ڏني، وائنِي سِرَ گهورَ تي وَئي.
هُن پنهنجي رتويل دل جي دانهن سان
انگريزيءَ ۾ تنهنجو هڪ بي مثل قصيدو لکيو
جو عالم آشڪار ٿيو، عام پڙهيو ويو،
اُن جو هيءُ سنڌي ترجمو جيڪو هتي في الحال
مختصر نموني ڏنو پيو وڃي.
مون پنهنجن ساٿين، حال ڀائين، جي قلمي مدد ۽ اُتساهه
تي ڪيو آهي.
تہ سنڌ جا عوام بہ اُهو پڙهن پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾
هِنئين سان هنڊائن-
اي اسان جي املهہ سدا حيات سنڌ جي راڻي!
هُو تنهنجو ڪين سونپيل اعليٰ مقصدِ حيات-
آزاد فضا ۾ زنده رهڻ جو
عالم حيات ۾ برابريءَ جي معزز درجي ماڻڻ جو-
۽ اُن لاءِ هو اُٿي بيهن
اڳتي وڌن- سِرَ- گهورَ تين.]

م. ا. ج

# ”مارئي، مارُو ۽ مليرَ“

(محترم شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ جو طويل نثري نظم)

سنڌيڪار:
محمد ابراهيم جويو

# "مارئي، مارُو ۽ مليرَ"

**جڏهن** اجا هن دنيا کي جنم ونئو هو،
جڏهن اجا آدم روپ- ڌار ۾ اچئو هو،
تڏهن کان منهنجي سُبنڌ جي شروعات ٿي،
"الست بربکم" جڏهن ڌڻيءَ جو آواز ڪَنايو،
اهو آواز جو هو ميناجَ پريو ۽ بنهه چٽو،
تہ چيمِ: "قالو بليٰ" من جي سچائيءَ سان،
۽ ائين سندم اُن سائيهہ سان سگ جُڙيو،
جنهن سان منهنجو نينهن سنيهہُ آهي.
هن پاڳُ ۾ ملندڙ جلاوطنيءَ منجهہ بہ،
آءٌ پنهنجي وطن کي ويجهڙي آهيان-
دل جي ڏک ڏک کان بہ ويجهڙي.
اچرج ۾ آهيان، آءٌ ڪڏهن آجڪائي مائينديس،
لاڙڪائي اُسهڻ لاءِ.....!؟
آءٌ ڪڏهن پنهنجي منڙي ملوڪ ماڳِ موٽنديس،
هنن عرب سر زمينن کان!؟
ڪنهن سنيهي لاءِ آسائتي آهيان نندُ ۾ توڙي جاڳ ۾،
ڪن نياپي آئيندڙن لاءِ آسائتي آهيان، نندُ ۾ توڙي جاڳ ۾،
اهو نياپو ڪڏهن ايندو؟
۽ مون کي هِتان، ڪٿي "هُت" ويندو؟
اي رب سائين! آسروند آهيان نياپي آئيندڙ جي،
جيڪو مون کي مليرائي ماڳ نئي.
توڙي جو ملطق العنان جابر حڪمران کي ڪابہ پرواهہ ناهي تہ:
منهنجين چڳن ۾ چاندي اچي پيئي آهي،

نراسائيءَ وچان مک بہ مرجهائجي ويو آهيم.
آءٌ پنهنجن ويڙهيچن ڏانهن ورڻ گهران ٿي،
تهہ سيارن ۾ هتي آئي هئس.
دعا گهران ٿي تہ نين موسمن- جيئن چوماسي جي
موڪَ مينهن جي واڏاين، ۾ وطن وران.
پنهنجن مارو ماڻهن جي موٽ.
آءٌ بيهر ماڻي ئي وننديس.
اي سپ کان سگهارا سائين!
هن وطن ويڳاڻپ/ جلاوطنيءَ ۾ منهنجي ماءُ جيجل جي
اڳهائيءَ ۾ اضافو نہ ڪر!
اُها، جا ان سوچ ۾ ٻڏل آهي، جنهن کي هوءَ وسارڻ پئي.
گهُري
هڪ دل آهي، جا روئي پئي پنهنجن چاين لاءِ،
جيڪي ماريا ويا.
الا! سپ کان پهرين ڪيس ڏيهہ ڏسڻ نصيب ڪر!
الا! سندم وَر ڪيڏانهن هليو ويو آهي؟
ڪٿي آهي سندس وهيءَ جو اُهاءُ ۽ سندس سوپيا؟
زندان جي ديوارن ڪيس جڪڙي رکيو آهي،
عدالتي ڪمرا ڪيس اداس ٿا ڪريو ڇڏين.
جج هيسيل، ڊنل آهن.
ڪانئن همٿ موڪلائي ويئي آهي.
پڳهارَ پيارا آهن،
اي ديس! صحت جي سرير ۾ ڪا ڪَل ناهي.
خوشي مون کان موڪلائي ويئي آهي.
پر اجا بہ،
مون ۾ ويڙهہ وڙهڻ جو حوصلو آهي،
پنهنجن قوم جي ڪسيل حقن ماڻڻ لاءِ.
هر ڏهاڙي آءٌ مرڪان ٿي،

دنيا لاءِ
پاڻ لاءِ، پنهنجن ٻارن لاءِ.
جيڪي پڇن ٿا: اما‍ن اسين ڪڏهن وطن واپس وري
سگهنداسين؟
آءٌ سوچيان ٿي غريب مسڪين ماڻهن لاءِ،
اُهي لائق آهن، هڪ بهتر ڀاڳ جا،
رڳو فوجي فاتحن جي لانگ بوٽن جا نہ!!
پيارا کيت بنجر ٻڻيل آهن.
عوام پاڻيءَ لاءِ پيو هٿ ڪٽي.
فصل تباهہ ٿي ويا آهن.
چوپايا مرن پيا.
ڇُلهيون وساڻيل آهن.
ڇاڪاڻ تہ پورهيت گهر ڀيڙا ڪيا ويا آهن.
ان هوندي بہ زمينن ڦٻائڻ جي هٻيچ وڌي پئي.
پلازا ۽ پلاٽ مراعت يافتا طبقي لاءِ گهڻيئي آهن.
سرڪاري رهائشون پڻ.
هڪ نہ، پر ٻہ ٻہ!!
اهو سڀ ڦريل لٽيل عوام کي ٻکن ڏيڻ وسيلي بڻايو ويو
آهي.
شاگرد لکن پڙهن ٿا بي دليو،
واجهائين پيا روزگار لاءِ.
چاهين پيا آزاد ٿيڻ،
بي روزگاريءَ ۽ غربت جي ڊپ ڊاءِ کان.
سندن حصي جو روزگار ڦٻايو پيا وڃن،
من پسند ڪيل رٽائر ٿيل ورديءَ وارا،
رڳي ٿلهي پينشن مان تہ سندن ڍءُ ٿيڻو نہ آهي نہ!؟
هڪ جائداد،
ٻہ ملازمتون،

بہ پگھارَ،
۽ بہ پينشنون،
رٽائر ٿيل ورديءَ وارن لاءِ خاص مراعت طور مقرر آهي.
جمهوريت آهي انهن لاءِ جي مفتي آهن.
آمريت آهي سپنو، هر انهيءَ جنرل جو.
جيڪو ورديءَ منجهہ آهي.
اهڙو ڏينهن بہ اچڻو آهي، جڏهن.
جابر حڪمران باقي نہ رهندا.
عوامي راءِ اسان کي آزادي ڏياريندي!
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رقص ٿيندو.
ڳائڻ وڄائڻ هوندو.
جڏهن، عوام پنهنجي اهڙي مقدر کي ماڻي ملهائيندو تہ
فضا ٽهڪن سان ٽم ٽار ٿي ويندي.
لاڙڪاڻا!
ساهہ سيباڻا!
آءٌ سارين ٿي،
گلابن جو منڻو منڻو واس-
ٽر تي پيل تازي وسڪاري جو واس
وڻن ٽڻن جو واس، وڻ ٽڻ جن کي فطرت پنهنجن هٿن
سان وهنجاريندي آهي.
هن ڏيساوَر ۾ آءٌ رهان ٿي،
هڪ عاليشان گهر ۾،
مون ۾ تڙپ آهي هڪ مهم جِي،
جا ڏکهي هجي.
جا پهاڙي پيچرن مان ٿِي گذري،
جن تان جهنڊن ۽ بينرن سان سنيگاريل هڪ جيپ
لڏندي لمندي گذري.
اها مهم آءٌ بي غرض ٿي دل جمعيءَ سان

شروع ڪرڻ گهران ٿي، تہ جيئن اداس حال کي
مرڪندڙ مستقبل ۾ مٽائي سگهان.
آءٌ پنهنجي اباڻي گهر جي هوا ۾ ساهہ کڻڻ گهران ٿي،
اهڙو ساهہ، جيڪو صاف سٿرو هجي، سنو هجي
منهنجو روح هڪ جاءِ آهي ۽ سرير ٻيءَ جاءِ
منهنجو ذهن ٽڙيل پکڙيل آهي.
چونڊون (2002ع واريون)
بنهہ گهٽيون غير شفاف هيون.
عهد شڪنيءَ تي ٻڌل هيون.
اربين رپين جي سيڙپڪاري ڪئي ويئي
تہ جيئن، آمريت کي جمهوريت طور مڙهيو وڃي،
پر اهي سڀ سانگ اجايا ويا.
يورپي يونين انهن چونڊن کي "ڌوڪو" قرار ڏنو.
۽ ڪامن ويلٿ جي اداري پڻ ساڳي ڳالهہ چئي.
ووٽن جون پيٽيون زوريءَ ڀريون ويون.
(نقلي ووٽن سان)
ووٽ قاڙيا ويا.
عوامي فيصلي جي لتاڙ ڪئي ويئي-
انهن ڀاران، جيڪي محب وطن جي ٻهروپ ۾ بزدل هئا.
ڦُقنس پکي پنهنجي خاڪ مان ٻيهر جنم وٺندو آهي.
اهڙي نموني عوامي اقتدار بہ ٻيهر اڀار وٺندو.
آءٌ قائم ڪنديس تربيتي مرڪز،
غريب ٻارن لاءِ.
ڏينديس پوڙهن ۽ نوجوانن کي:
عظمت،
اميد، ۽ تحفظ
اسين صحرائن ۾ عمارتون اڏرائينداسين.
۽ پنهنجيءَ ڌرتيءَ جي عورتن جي روئڻ کي

روڪينداسين.
روئو نہ!
چاڪاڻ تہ غلط کي رد ڪرڻ ۽ صحيح کي ماڻڻ واري تبديلي-
هتن ۾،
آوازن ۾،
ادارن ۾ موجود آهي.
جيون جون بہ واٽون هونديون آهن:
-واٽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي.
- واٽ همت جي.
ياد رکو، ڪجهہ بہ ساڳيو نٿو رهي.
هر شيءِ تبديل ٿئي ٿي.
آمر جا ڏينهن پڄاڻيءَ تي پهچندا، ائين
جيئن ٻين آمرن جا.
قائد عوام- سچ جي تلوار، سدائين ياد ايندو آهي،
جنهن پنهنجي زندگي ان ڪري قربان ڪئي، تہ جيئن
اسين جيئرا رهي سگهون.
هو جيڪو سچي سون جا هار پائيندو هو،
جن کي قيدخاني جي ڪوٺين ۾ چنو ويو.
هو جيڪو ريشمي چادرن تي سمهندو هو،
۽ چانديءَ جي چمچن سان کائيندو هو.
ان کي موت جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ هڪ پاسي اڇليو
ويو!!
هن کي مصيبت ڀريو موت ڏنو ويو.
حڪمران، تاريخ جي اولاد،
بهادرن ۽ ارڏن کي سڪ نہ آڇيندا آهن.
آرام مون کي ٿڌو ڪري ڇڏيندو.
ڪُرد ڏهاڪن تائين وڙهيا.
ڪشميري پڻ.

فلسطينين هٿيارن ڦٽي ڪرڻ کان انڪار ڪيو.
هر ڪنهن ڪنڊ ۾،
هر ڪنهن زماني ۾،
بهادرن ۽ ارڏن تاريخ کي ڪليل هٿين تراشيو آهي.
هڪ وٽ طاقت هوندي آهي،
ٻئي وٽ حق
هڪ وٽ تلوار هوندي آهي،
ٻئي وٽ قلم.
خالي هٿيار ڪٽجي ۽ زنگجي ويندا آهن
۽ پري وڃي ڪرندا آهن.
خيالَ سدائين لاءِ جيئرا رهندا آهن.
مارئيءَ جي اباڻي لوئي مون کي گهڻي پياري آهي،
مارئي کان مون پرايو آهي
۽ پڻ صوفي سنتن کان،
پنهنجي پياري پياءُ شاهه، جيڪو هڪ ٻئي جابر سان وڙهيو،
کان مون پرايو آهي تہ:
وطن کان پري جيڪڏهن مون کي زندگيءَ جو
آخري ساهه کڻڻو هجي تہ جيڪر آءٌ چاهيان تہ
منهنجو جسم مون کي
قيد ۾ نہ رکي.
ڪُلنگ پکي (Cranes) پنهنجن اباڻن پهاڙن ڏانهن اڏامن ٿا،
منهنجو من بہ گهري ٿو تہ جيڪر انهن سان گڏ اڏامي وڃان.
ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ زنجيرن ۾ آءٌ قيد آهيان،
پنهنجي ملڪ لاءِ منهنجا گهاءُ ٻيهر چڪڻ
لڳن ٿا، جڏهن آءٌ
پنهنجي قوم کي،
حقن کان،
موقعن کان،

۽ نوجوانن کي اميد کان محروم ڏسان ٿي.
جمهوريت کي رياستي ڪاروهنوار کان پري رکيو ويو آهي.
آمريت بي درديءَ مان هَڏ ڪِپي رهي آهي.
معيشت جا،
سماج جا بنياد کوکلا بڻائي رهي آهي.
آپگهات متعارف ڪرائي رهي آهي،
اقتصادي آپگهات، انهن لاءِ جيڪي ايترا تہ غريب آهن،
جو جِي نٿا سگهن.
۽ سياسي آپگهات، ناموزون جنگ جوئيءَ لاءِ.
خوشيءَ لڏيو، جڏهن ڇُلهيون اُجهاڻيون.
سک لڏيو، جڏهن چرچ ۽ علاج — گهر ساڙيا ويا.
ڪجهہ نياپا موڪليا ويا،
سياست کي وسارڻ جا،
عوام کي چِڙڻ جا،
خوشي ڳولڻ جا.
هنن اها ڳالهہ چريائپ پري ڄاتي تہ
ستم رسانيءَ جو بار پوڳيو وڃي،
هڪ بيمار اڳهي ماءُ سان،
ننڍين ٻارن سان،
۽ زندان جي، ديوارن ۾ قيد ڪيل ور جي جدائيءَ سان رهندي.
هنن سياست کان تياڳ عيوض آزاديءَ جي آڇ
سخاوت پري سمجهي
تياڳ:
ماڻهن کان،
... ڪان!
جدوجهد کان!
هڪ خواب کان
اصولن کان ۽ ضمير کان!

هنن غلط سوچيو هو.
آءٌ افسوس ڪريان ٿي،
ورديءَ وارن جي گهيري ۾ هئڻ ٿي،
ورديءَ وارا جيڪي 'اڄ' ٿي پيا ٽڳن،
۽ سياڻي ڪي وساري ٿا ويهن.
اهي جيڪي امن ۽ ترقيءَ واري،
زندگيءَ جي مقصد کي وساري رهيا آهن.
ڄاڻان ٿي تہ آءٌ وطن واپس وينديس ئي وينديس،
عوام جي حمايت جي لهر تي،
جنهن جي اڳواڻي هڪ بهادر جماعت ڪندي،
اها جماعت، جيڪا انهن سينې جي آهي
اها جماعت جيڪا شهيدن جي آهي،
۽ جدوجهد جي آهي،
جيڪا عوامي خدمت ۾ ويساهہ رکي ٿي،
جيڪا جماعت عوام جي ئي آهي.
منهنجا دشمن اها خواهش ٿا ڪن
تہ جيڪر آءٌ جمان ئي نہ ها!!
انهن لاءِ اها صدمي ۽ شرم جهڙي ڳالهہ هئي،
جو آءٌ هڪ مسلمان رياست جِي،
پهرين مسلمان اڳواڻ بڻيس.
موت جي بدبوءِ مٿان
زندگي بيهار ڦولارجي پوندي آهي.
ڏکن جي چڙهندڙ وير پنهنجو رخ مٽائي ويندي آهي.
سکن جو سمنڊ منتظر ملندو آهي.
خاموش دعائون ڪندڙ،
خير گهرندڙ،
وچڙيل پيارا ماڻهو بيهار ملي ويندا آهن.
قيدي جيلن مان آزاد ٿي ويندا آهن.

رُتيون منجي ويندڙيون آهن،
لباڙي جابر حڪمران منظر تان غائب ٿي ويندا آهن.
اڪيون، جو روئن ٿيون، اهو روئڻ اجايو آهي.
وقت جي ويڪري پلاند ۾،
اداسيءَ جو وجود لمحاتي هوندو آهي.
مٽي پاڻ کي پاڻ بحال رکندي آهي.
جڏهن مئل دفنائجي ويندا آهن،
تہ اهي ٻيهر جيئرا ٿيندا آهن،
۽ هڪ صدين پراڻيءَ ڌرتيءَ جو حصو بنجي پوندا آهن،
اهي ڪيترائي رازسانڍي رکندا آهن،
گذريل زمانن جي عظيم سپيتائن جا راز،
سورمن جا ۽ سورمين جا راز،
اهي ماڻهو ئي
تاريخ کي — ورثي کي — ثقافت کي
ڪا مستقل شڪل ڏيئي ڇڏيندا آهن،
وقت پنڌ ڪري ٿو.
وقت رڪجي وڃي ٿو.
پر اسان کي فيصلو ڪرڻو هوندو آهي تہ اسان کي
وقت جو ڇا ڪرڻو آهي.
ياد رکو، غريبن ۽ ڏتڙيلن کي
ياد رکو، انهن کي جيڪي مايوس ٿي ويا آهن،
۽ انهن کي جيڪي پُر اميد آهن.
ڌرتيءَ جا سپوتو!
ياد رکو خدا جو مقدس واعدو.
اقتدار ۽ وڏائيءَ تي پنهنجي ضمير کي قربان نہ ڪريو!
اباڻي وطن جي خوشبوءِ،
ساموندي واءُ منجهان اچي رهي آهي،
آءٌ پنهنجن ڪن پيارن کي چوندي آهيان

”ڳڻتي نہ ڪريو،
”افسوس نہ پاليو
”هي ڏينهن گذري ويندا،
”راتين پٺيان ڏينهن ايندا آهن،
”ڏکن پٺيان سک ملندا آهن.“
قيدخانا انهن کي قابو ڪندا آهن، جيڪي آمرن سان نبرد آزما هوندا آهن.
اهي آزاديءَ لاءِ قيمت ادا ڪندا آهن.
واءَ کي ڪنايو، جنهن ۾ هڪ نئون نياپو آهي،
انهن آمرن بابت، جيڪي آيا ۽ ويا.
انهن جابر حڪمرانن بابت، جيڪي هاڻي،
وقت جي عظيم صحرا جا ذرڙا ٿي ختم ٿي ويا.
ڪيتريون ئي آرميون آيون ۽ ويون.
ڪيترو رت اُڙهو.
فتحن جا اعلان ٿيا.
بادشاهتون ۽ جابر مطلق العنان حڪمران اجڙيا.
صحرا جي واري سرگوشيون پئي ڪري:
”سچ جي نيٺ سوڀ ٿيندي،
”هوءَ ٿريلي نيٺ وطن واپس ويندي،“
آءٌ جمهوريت جي سپني جي قيدياڻي آهي.
ڪيترا تہ رڪا اُٿيا ڏينهن آهن،
مليرَ ۽ ملتان کان ڏور
مردان ۽ مڪران کان ڏور.
ماروئڙا ماڳهين ڏور آهن.
سندم ديس واسي ڏور آهن.
ڪوبہ ڪين اُڪسائي، پڙڪائي نٿو سگهي،
ڇاڪاڻ تہ اهي گهڻا سگهارا آهن.
اها شيءِ آڪٽوبر (2002ع) جي چوندن ۾ پڌري ٿي آهي.

ڏتون مٽجن ٿيون،
۽ منهنجو چهرو مٽجي رهيو آهي،
ڇا منهنجا مارو ماڻهو
هن منهنجي چهري کي سڃاڻي سگهندا،
جنهن تي تقدير جي موسمن پنهنجا نشان ڇڏيا آهن؟
رات لهي ٿي.
ڪُل لوڪَ سمهن ٿا.
اونداهي ماندانءَ کي ٻک ۾ کڻي ٿي؛
۽ آءٌ پنهنجا
ٻيئي هٿ دعا لاءِ کڻان ٿي
۽ پڻ پنهنجن ٻچڙن کي دعا لاءِ هٿ کڻڻ جو چوان ٿي.
”مارئي، مارو ۽ ملير،
وقت جي ڏنڌ ۾ وڃايل آهن.“
جڏهن ڪُل لوڪ سُتا
مارئيءَ پنهنجا هٿ دعا لاءِ کنيا
آسمانن ڏانهن پوريءَ پوريءَ اميد سان،
وطن ورڻ لاءِ.
آءٌ چايس.
پنهنجي پيءُ کي لحد ۾ لاتم.
پائرن کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيم.
وهانءُ رچايم.
ٻار ڄڻيم،
هڪ قوم جي خدمت ڪيم.
عوام جي مدد ڪيم.
تڏهن، جڏهن ٽيليفون، بجلي، ڪمپيوٽر ۽ اي ميل جون
سهولتون موجود نہ هيون.
جڏهن پوليو جا قڙا ۽ آڊيوڊين جديد دنيا ۾ نہ گهڙيا هئا.
ياد آهي جڏهن گوليون هليون.

منهنجي قداور ۽ سهڻي ياءُ کي لڳيون.
سندس قيمتي رُت انهن رستن تي اُڙهو،
جتي ڪڏهن اسين پسار ڪندا هئاسين.
فرشتا آيا، ڪيس ڪٽي ڏور ڪڻي ويا.
فون جي گهنٽي وڳي،
ٻڌايو ويو تہ مرتضيٰ گولين لڳڻ سبب گهايل آهي،
ستت هڪ جهاز ۾ چڙهيس،
هٿ ۾ قرآن پاڪ هو.
اسپتال ڏانهن ڊوڙيس جتي هو گهايل ستل هو.
”اي خدا مون کان منهنجو هيءُ ياءُ نہ ڇُن،
هن سان آءٌ محبت ڪريان ٿي“
پر گهڻي دير ٿي چڪي هئي،
هو موڪلائي سدا لاءِ هليو ويو.
۽ پيهر مون هڪ ياءُ کي لحد ۾ لاٿو.
قاتلن منهنجي حڪومت بہ دفن ڪئي.
منهنجي ور کي جيل ۾ واڙيو ويو.
ننڍڙا پتڪڙا ٻار، پنهنجي اڳهيءَ ۽ روڳ ۾ مبتلا نانيءَ
سميت — جلاوطن ڪيا ويا.
اڌ رات مهل ڇاپا ۽ گهيراءُ،
تشدد ۽ دهشت،
وعدي خلافي ۽ گمراهي.
اربين رپيا خرچ ڪيا ويا،
ڪوڙن ڪيسن تي،
پروپيگنڊا تي،
نفسياتي جنگ تي، ۽
۽ ماءُ خلاف خاص آپريشنن تي.
عدالتون الڳ الڳ پروانا جاري ڪنديون رهيون:
روز اڏامُن وسيلي پنڌ،

هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ،
لاهور کان پنڊي ۽ اتان کان ڪراچي،
نيٺ ستم روا رکندڙ خدائي پاداش ۾ مُنهن ڀر وڃي ڪِريا.
فوج چڙهي آئي.
واءِ کي ٻڌو!
مارئي سڏ پئي ڪري
هڪ وقت کان ماورا سڏ.
منهنجا ٻچڙئو!
ٿر جي هوا ۾ سمائيل سڏ ٻڌو.
اها سر گوشي پئي ڪري:
"يقين رکو!
"اسين کٽنداسين.
"اسين ضرور کٽنداسين."

*

# اي سنڌ جائي!

(نثري نظم)

محمد ابراهيم جويو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# اي سنڌ ڇائي!

اي سنڌ ڇائي!
هجيئي سڀ سڻائي،
ڪڏهن واءُ ڪوسو نہ توکي لڳي
ڪڏهن وقت اوکو نہ توتي اچي
ٻين کي تون پڻ پياري هوندين،
پر تنهنجيءَ اُڄ ۽ اُلڪي کي
جيئن هيءَ ڌرتي ڄائي
ٻيو ڪو ڪيئن ڄاڻي!؟
پنهنجي جيجل ماءُ- سنڌ کي پياري آهين،
جنهن توکي پنهنجو رَتُ سَتُ ڏنو آهي،
اها تنهنجيءَ هر سوڀ- هر ڪاميابيءَ تي
خوش ٿيندي ۽ کِلندي آهي.
۽ جڏهن جڏهن بہ تون
ڪنهن ڏک جي ڏاگهہ تي چڙهڻ لڳندي آهين،
تہ هن جي مامتا تڙپندي اٿندي آهي،
۽ تنهنجي ڇوٽڪاري ۽ خوشيءَ لاءِ
دعائون گهرندي آهي
تو جڏهن جڏهن بہ ڪا سَهوَ- ڪا غلطي
ڪئي آهي، تہ هوءَ
اهو سوچي توکي بخشيندي آهي تہ تون ان جو تدارڪ ڪندينءَ
(ڇاڪاڻ تہ هوءَ پنهنجيءَ ڌيءَ تي شڪ نٿي ڪري سگهي).
اي سنڌ ڄائي!
جُڳ جُڳ جُڙي رهين،
اڄ تون شهرتن جي بلندين تي آهين،
ڏيهہ پرڏيهہ تنهنجي ناماچاري آهي.
تون جتي بہ وڃين ٿي،

عزتون ۽ آجيائا تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهن
۽ محبتون تولاءِ منتظر آهن،
لوڪَ توکي چاهين ٿا،
چاهين ئي نہ پر دل جان نڇاور ڪن ٿا
عزتن ۽ شهرتن جي هن مقام لاءِ،
توکي گهڻيون گهڻيون واڌايون هجن.
تنهنجي جيجل سنڌ کي توتي فخر آهي.
پر ڇا تو ڪڏهن سوچيو آهي تہ تنهنجي
جيجل جا،
مُنيءَ ماءُ جا،
ڏک سور ڪهڙا آهن؟
۽ ان جو اولاد ڪهڙن اهنجڻ ۾ ورتل آهي؟
ڇا تون ڄاڻڻ چاهيندينءَ؟
ها تہ پوءِ ٻڌ!
ڪي سانيڪو سال اڳي
تنهنجي ماتر ڀومي
۽ ڀونءَ واسي
شامل ٿيا هئا،
مذهب جي نالي ۾ نهندڙ
”پاڪ- آستان“ ۾
پر ڪجهہ واعدن سان
۽ ڪجهہ شرطن سان تہ:
تنهنجي ڌرتي
۽ ڌرتي واسي
ان ۾ هوندا آزاد،
ان ۾ هوندا بااختيار،
سڀ ساريون خوشيون ماڻي سگهندا.
جيونِ- ڇج مان
درد سمورا ڇاڻي سگهندا،
ماڻي سگهندا

سارا سک ۽ سپ آنند
تن لاءِ هوندي
رت بسنت هرکا مُند.
پر تن سان دوکو ٿيو،
هيءُ سودو تن لئہ اوکو ٿيو.
شروع ۾،
سنڌ مان سنڌين کي تڙيو ويو
ڇو تہ اهي هندو هئا!
مذهب جي ڪاتيءَ سان
هن قوم کي ٻہ ڀاڱا ڪيو ويو،
جيڪا اڳي
ساٿ سڀنڌ سان،
سک امن سان،
صدين کان گڏ
رهندي پئي آئي،
گيت محبت،
سنگ صحبت جا چوندي پئي آئي.
تن ۾ ڪو مت ڀيد نہ هو،
تن جي قومي جيون ۾
ڪو ڇيد نہ هو.
جڏهن ورهاڱي جا ٽيا سانباها
تڏهن بہ ڪنهن کي ڪل نہ هئي
تہ ڪو،
سرحدن سان گڏ،
قومون بہ ورهايون وينديون،
۽ ماڻهن جي مٿا سٿا بہ ڪٽي ويندي.
مسلمانيءَ جي نالي ۾،
هر سرحد کان ايندڙ
لاڏائو قافلن کي
سنڌ ڏانهن روانو ڪيو ويو.

تن لاڏائو ٿولن کي
پيا ٻه رهائي سگهيا ٿي،
پر،
جتي ڪٿي تن کي اهو چيو ويو:
"پاڪستان اِيي آگي هي!"
ائين سڀ ننڍي ڪنڊ جا تڙيل ۽ رولو ٽولا
سنڌ ۾ آيا.
شروع شروع ۾،
مسلمانيءَ جي جذبي ۾،
اسان ٻه تن کي قبول ڪيو،
انصار- مهاجر واري روايت پاريسين،
۽ ڏارين سان
پنهنجي ڌرتي
پنهنجون ملڪيتون
گذر سفر جا سڀ وسيلا- ۽ محبتون
ورهايونسين.
اي سنڌ ڄائي!
او بختاور!
پر-
ڌاريا، ڌاريا ثابت ٿيا.
جيڪي تنهنجي ديس ۾ آيا،
مک شهرن تي قابض ٿيا،
۽ جن پائرن- تنهنجي ديس واسين-
تن جي آجيان ڪئي
تن جي مرحبا ڪئي
اهي ڪانئن نفرت ڪرڻ لڳا.
چي: ڄٽ آهن
هِنن جي تهذيب گڏهن، گهوڙن واري آهي.
ايتروئي نه پر
تن جي رکوالن ۽ محافظن،

ڏاڍ ڏمر جي ڪارندن-
اُهي ئي
جن اسان سان وچن ڪيا هئا تہ
نئينءَ ٺهندڙ رياست ۾
اسين هونداسين آزاد،
اسين هونداسين بااختيار،
تن، سوچيل سمجهيل سازش سان،
ڌارين کي مضبوط ڪيو.
۽ اسان ڏٺو تہ اسان جي- تنهنجي
باباڻي ٻوليءَ- سان وير پاڙيو ويو
۽ ان کي اسان جي شهرن مان،
نيڪالي ڏني ويئي،
ضرب ڪاري هَنئين ويئي.
ٻار اسان جا
پنهنجيءَ ماءُ جي منڊي ٻوليءَ ۾
پڙهڻ کان محروم ڪيا ويا،
لکڻ کان محروم ڪيا ويا.
اي سنڌ ڄائي!
اُن وهہ پيئڻ جو.
ذائقو اڃا بہ تازو هو تہ
اسان تي غلامي مڙهي ويئي.
اسان کي چيو ويو تہ اسين
هاڻي "سنڌ" اچارڻ ڇڏي ڏيون،
ان جي نانوَ جو.
ڏيئو ٻارڻ ڇڏي ڏيون.
حڪم ٿيو تہ
"سنڌ" ماضيءَ جو "حصو" آهي،
ڪوئي پراڻو "قصو" آهي.
هُنن کان وسري ويو تہ
پاڻ ئي وچن ڪيو هئائون تہ:

سنڌ، پاڪ آستان ۾،
رهندي آزاد،
سنڌ واسي هوندا بااختيار،
۽ چيائون:
هاڻي هيءُ منصوبو رهندو،
بس هڪڙوئي صوبو هوندو،
ٻئي پاسي بنگالي آهن
تن کي مهاڏو ڏيڻو آهي،
اڪثريت ۾ رهڻ وارو
حق انهن کان کسڻو آهي.
پر اسان- تنهنجي ديس واسين-
ان رٿا کي ڪونہ قبوليو
جنهن اسان کان
صدين جي تي ڪسي سڃاڻپ،
اسان نہ وساريو سنڌ جو نانءُ
پئي اچاريو سنڌ جو نانءُ.
پوءِ بديءَ جون سڀ انڌيون طاقتون
مچرجي،
ألرجي،
ظلم ۽ ڪروڌ جي روايتي انداز سان
گِگ وهائڻ لڳيون.
اسان کي جيلن ۾ وڌائون
جان ونڻ جون ڌمڪيون ڏنائون
اسان جي شعرن تي،
ڪهاڻين تي،
افسانن تي،
۽ ٻين ليکن تي،
زنجير وڌائون،
۽ فرمايائون تہ
”سنڌ“ ”سنڌ“ ڪرڻ ڇڏي ڏيو!

انڪري ئي اياز چيو:
”سنڌڙي! تنهنجو نانءُ وتو
ڪاريهر تي پير پيو.“
پر اسان تہ او سنڌ ڄائي،
شاهہ لطيف ڪي ساريو پئي:
”سڄڻ ۽ ساٿيهہ، ڪنهن اٿاسيءَ وسري
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.“
هيئن بہ آهي اسان ۾ ڪيئي
هئا اٿاسي،
جن
ايوانن ۾ ”هڪ صوبي“ جي حق ۾
ووٽ ڏنو
۽ ڌرتيءَ جي ڦٽڪار کنئي،
تاريخ جي رسوائي،
پاڻ ئي پنهنجي نانءِ لکي.
تن غدارن کي
تنهنجي ديس واسين
اڃا بہ ڏني ناهي معافي
چو تہ انهن جي
ڏوهہ جي ناهي ڪابہ تلافي.
ون يونٽ هڪ ڍوهہ هئو،
جو واريءَ جي ڪوٽ جيان
پٽ پيو.
پاڻ ٿياسون سويارا
پنهنجا وارا تي پيا نيارا.
پر ڳالهہ اُتي بہ ڪيو نہ چيهہ،
هي جيڪي ننڍي ڪنڌ جا تڙيل ٿولا
هت آيا هئا،
تن هڪ لشڪري ٻوليءَ جو راڳ آلاپيو،
جنهن سان پنهنجو

سگ سياپو ڪونہ ھو،
ڪوئي ناتو ڪونہ ھو،
چيائون تہ سنڌ ۾ اُھائي ٻولي رھندي!
اسان چيو تہ
ائين نہ ٿيندو
”سنڌي ٻولي زنده باد
ان ۾ جيڪا جيجل ڏني،
سائي لولي زنده باد.“
اسان چيو تہ
ٻولي ٻي نہ قبول ڪنداسين،
پڙھنداسون سڀ ڪتاب، سنڌيءَ ۾،
ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾،
سنگ ميل، سائن بورڊ
قومي شناختي ڪارڊ
ھر ڪا لکت گھرجي سنڌيءَ ۾.
ان تي ڌارين شور فساد ڪيو.
چي: ”اردو ڪا جنازه ھي
ذرا ڌوم سي نڪلي.“
اسان ھنن کي سڀ ڏنو،
پر،
پو بہ اسان جي ٻوليءَ کي
ھو تہ مڃڻ لئہ تيار نہ ٿيا!
تن ڪاڏو پئي سنڌ جو
۽ پيتو پَئي جر سنڌوءَ جو.
پوءِ بہ انھن جي فطرت ۾ ڪو ازلي ڦيرو ھو،
سندن ذھنن تي غلطانن جو گھيرو ھو.
سنڌي ٻولي قومي ٻولي ڪانہ بڻي
پر،
سنڌ اندر صوبي ۾ لشڪري ٻوليءَ کي
ان سان ڀاڱي ڀائيوار ڪيو ويو.

سچ، ڪاپاري وار ڪيو ويو.
او سنڌ جائي!
توکي تنهنجي ديس جا
کھڙا ويھي سور ڳڻايان،
پنهنجن جا ۽ ڌارين جا
چاچا هٿ پرڪار پڙهايان.
هيءُ سنڌو،
جنهن جي امرت ڌارا جا
پاڻ صدين کان ساکي آهيون،
جر پيئون ٿا
۽ جيئون ٿا،
ان جا ڳڻ ڳايون ٿا،
ان جا ٿورا لاهيون ناممڪن!
ان جي پال پلاين کي،
جي ساراهيون ناممڪن،
درياهہ شاهہ
ڳھيلو بادشاهہ،
اباسين، هيءُ سَنگھي ڪَبَڦُ
هيءُ مهراڻ
آهي اسان جي جندُ
اسان جي جان،
اسان جو ساهہ پساهہ.
ساروئي اتهاس چوي ٿو
پاڻ انهيءَ جا وارث آهيون،
مالڪ آهيون.
پر،
اسان کان درياهہ شاهہ
جڻ تہ کسيو ويو آهي،
۽ هن شينهن کي جڪڙيو ويو آهي.
هي جي پاڻيءَ جا واپاري،

تن پنهنجا درياهه وڪيا،
”پنجن درياهن جي ڌرتي“
هاڻ تہ دوآبي آهي،
پوءِ بہ سڏجي پنج درياهي
ڇو تہ انهن جو سنڌوءَ تي قبضو آهي،
جيڪو پنج درياهن برابر آهي.
(اجا بہ ست درياهن برابر آهي.
ان جو هڪڙو نانءُ
سپت سنڌو- ست درياهي بہ آهي.)
ڪلهہ ٻارهوئي،
درياهہ وهيو پئي
ڇڻ تہ سنڌين ٻہ ساهہ وهيوپي،
پر اڄ ڪيڏو تانگهوآهي،
هئہ هئہ وقت اٽانگو آهي.
پنجن درياهن وارن،
سنڌو طاس ناهہ ڪيو،
پر سنڌ وارن ڪان ڪونہ پڇيو
پاڻ صلاحُو تي چورن وانگي
تن نڳيءَ جو ناهہ ڪيو،
پوءِ ٻڌائون بند سنڌوءَ تي،
واهہ ڪڍيائون،
پنهنجي ڌرتي سرسبز ڪيائون.
ڦڙيءَ ڦڙيءَ لئہ پاڻ سڪياسين،
زمينون زرخيزي ڇڏي ويون،
مال متاع نہ جالي سگهيو،
پکي پکڻ ڪان سنڌ جو،
نيل گگن خالي ٿيو.
۽ ماڻهو حال ڪان بيحال ٿيا،
سُڪي ڌرتي ڏڪي ٻنجي ويئي.
پر هو اڄا بہ چون ٿا،

ڪالاباغ ڊئم گهرجي.
عجب!
افسوس!
امداد حسينيءَ سچ چيو آهي:
”پنهنجا دريا وڪڻي هاڻي
سنڌوءَ تي لامارا آهن
ڪالاباغ اڏڻ وارن جا
اندر ڪيڏا ڪارا آهن!“
هائو هاڻ اسين سنڌوءَ تي،
ڪوبه ڊئم نٿا چاهيون،
سنڌوءَ ڪي وڌيڪ ڪوبه ٽڪو ڏيڻ
اسين سنڌي قوم جي شهه رڳ
وڍڻ برابر سمجهنداسين.
سواءِ سنڌ جي راڻي
ساري آهي رام ڪهاڻي،
هي سنڌي ماڻهو-
تنهنجا ماڻهو،
تنهنجا ديس واسي
سڀ وڃائي ويٺا آهن،
پنهنجا مڪ شهر،
درياهه،
زرخيز زمينون،
سڀ وسيلا.
۽ ڌاريا هت پلجن ٿا لکن ۾،
پنهنجين ڌرتين هوندي پيي،
جورن وانگي سنڌ کي چنبڙيا پيا آهن.
ڇا سنڌ ڪو عالمي يتيم خانو آهي!
۽ ٻئي پاسي،
سنڌي سارا،
وطن ۾ بي وطن آهن،

تن جون وسنديون روز ڍهن ٿيون،
تن کي روز چتاءُ ملي ٿو،
وسندي خالي ڪريو!
ڪالهه جنين کي اسان ڏنيون هيون
جيءَ ۾ جايون،
سي اڄ اسان کي پنهنجيءَ
ڌرتيءَ تي،
ڪابہ جاءِ نہ ڏين ٿا
هيئن چون ٿا،
پاڻ هتي غير قانوني وينا آهيون!؟
سٺ سالن ۾ هڪ
سکي ستابي،
ڪِلندي ٽڙندي،
قوم تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي
اچي پهچي آهي،
تن کي ڪوبہ اجهو نہ امان آهي،
هاءِ ارمان آهي.
تاريخ ڪيتري نہ ظالم آهي
جو ڏيڏر ڪائيندڙ
غير مهذب،
بڻ بڻياد کان اوپرا،
پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ ٻوليءَ کان
وانجهيل ٽولا،
اڄ اسان تي حڪومت ڪرڻ جا خواب ٿا ڏسن
۽ افسوس هيءُ بہ آهي تہ اسان تي
اڄ ڏينهن تائين ”ڪانوَ“ ۽ ”ڪانئر“ ئي
حڪمران بڻائي مڙهيا ٿا وڃن:
”اچو پاڻ ئي لُڙ ٿيو ڪالوريو ڪنگن.“
اٺ ورهيہ بي وطنيءَ جا گهاري
تون جا ڏيهہ وريئنءَ،

تنهنجا ڏيهہ واسي
لکها لک اچي مڙيا توتي،
پتنگن وانگي
ڪڙيا توتي چنڊ جيان،
چا تہ سمو هو منڊ جيان!
اونداهيءَ جي رکوالن سو ڪين سٺو
هاءِ ڪراچيءَ ۾،
ڪيڏا جسم هوا ۾ وکري پٽ پيا،
۽ سنڌين جي رت جو ٻيهر مينهن وُٺو،
او سنڌ ڄائي!
تون ڄاڻين ٿي
هيءَ دهشت ڦهلائڻ وارا ڪير هئا،
هي تہ اهي ئي غير هئا،
جن وير اسان سان پي پاڙيو آهي.
اڄا تہ ڪلهہ جي ڳالهہ لڳي ٿي،
انهن ئي تنهنجي بابا کي ڦاهي چاڙهيو
۽ تنهنجي موبي ۽ جوڌي ڀاءُ کي
رستي ۾ بيهاري ماريو.
چا پوءِ بہ اياڻي رهندينءَ،
يا سڀ ڪجهہ سمجهي
پاڻ تي هيئن ماٺ مڙهيندينءَ.
تون تہ سيڻ جي ڳالهہ ڪرين ٿي،
ايءُ پڻ چڱو ڪم.
پر،
هيءُ نہ وسار
تنهنجي بابا پڻ اهو رستو ورتو هو،
هن بہ سين کي پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي،
هن جو چا انجام ٿيو؟ - تون ڄاڻين ٿي،
هاڻ اُهي ئي تنهنجي رت جا پياسا آهن،
ان موقعي تي هڪڙو پيرو،

پنهنجي سوچ سَنواري ڏس،
ڏس پنهنجي ڌرتيءَ ڏي،
پنهنجن ماڻهن ڏي،
پنهنجي تهذيب،
پنهنجي ٻولي،
پنهنجن ريتن روايتن ڏي
۽ تن مڙني ڏکن ڏاکڙن ڏي،
جن جو ڪُل وچور ڏنو ويو.
رڳو ”اٽو، لٽو ۽ اجهو“ تہ ڪافي ناهن،
اسان کي ورائڻا آهن
پنهنجي جيئڻ جا سڀ وسيلا-
زمينون،
درياهہ،
۽ سڀ سياسي، معاشي
سماجي ۽ ثقافتي حق،
اسان کي گهرجي آجپو، برابري ۽ ڀائيچارو،
اسان کي گهرجي عزت، خوشحالي ۽ امن،
تہ جيئن اسين
ماضيءَ واريءَ سنڌ جي نقشي تي
تعمير ڪري سگهون هڪ نئين سنڌ،
اها سنڌ جيڪا اسان جي سپنن ۾ آهي
خواهشن ۽ امنگن ۾ آهي.
دل تي هٿ رکي ٻڌاءِ،
سنڌي ماڻهن کان وڌ
توکي ڇا کو چاهي ٿو؟
ڇا تن جئن توتان ٻيو ڪوئي
گهورا گهور وڃي ٿو.
هي سنڌ ڇاوا
۽ سنڌ ڇايون
توسان ڪيڏو ريڌل آهن

پرتل آهن!
تون تہ انهن کي جذبي سان
اهڙي ئي کا موٽ تہ ڏي!
هر پيري هيئن چوٽ نہ ڏي!
اسان تہ پنهنجن جا لاش کلهن تي
ڍوئي ڍوئي ٿکيا آهيون،
ڪيسين ڪانڌيءَ وارو ڪردار اسان جي
حصي هوندو.
هي سورهيہ جن جان ڏني،
ڇا تن جو رت ايئن ئي وئرٿ ويندو رهندو؟
جي تون تن کي ماڻ ڏيڻ گهرين تہ پوءِ
پنهنجي ديس واسين جي پاسي تي بيهہ.
واءِ افسوس! نہ تہ تون اڳتي ڏسندين ءَ
تو وٽ ڪائي واٽ نہ هوندي.
هاڻ جڏهن تون نئين سفر تي اسهين پئي،
تڏهن توکي ياد هجي
تنهنجي سڀ کان پهرين ترجيح هوندي
سنڌ، جا تنهنجي جيجل آهي،
۽ سنڌي ماڻهو جيڪي تنهنجا
مِٽ حقيقي آهن
۽ تنهنجي مقصد جي ماتي جا
ڇٽ حقيقي آهن.
اها ترجيح ئي سڀ کان وڏي حقيقت آهي
سڀ کان وڏي عظمت ۽ عزت آهي
۽ سڀ کان اعليٰ شهرت آهي.
چوڏري گجرات جا

ٺڳ يو پيءَ سي پيءَ جا
۽ لشڪرن جا سروانڻ
اندر ۽ ٻاهر ڏاڙهي رکندڙ
ڪڏهن به تنهنجي ڪم نه ايندا،
توکي تنهنجن ماڻهن کي اوجهڙ منجهه ڳڏيندا.
تن جي سهاري لئه واجهائڻ هاڻ ڇڏي ڏي.
او سنڌ جائي!
پنهنجن تي ڪر ويساهه،
پنهنجي ڌرتيءَ ماتا ڏي ڏس،
جيڪا اهنجن ورتي آهي
ڪڏهن نه سک سان پرتي آهي
اها ته تولئه دم دم واجهائي ويني،
تو ۾ آس لڳائي ويني.
ڀُليو رُليو ناهي هوندو،
جي ڀلجڻ مان تون واٽ سنئين ڪيين
ڪا بات نئين ڪيين،
آءُ سنڌ جو سچ قبول
۽ هيءُ مچ قبول
جيڪو ازلان ٻري رهيو آ!
تاريخ ۾ ڪيئي آنڌيون آيون
آنڌيون ويئون
پر اِهو ڪڏهن ڪونه نريو آ.
آءُ انهيءَ سچ جي ساک ڪٽي
تون به چئي ڏي.
”جيئي سنڌ
”جيئي سنڌ
”جامِ محبت پيئي سنڌ“.

*

محترم ابراهيم جويو صاحب سنڌي علم،

ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي حوالي سان ويهين ۽
ايڪيهين صدي عيسوي جو وڏو ماڻهو آهي. سنڌ جي
تاريخ سندس ذڪر کان سواءِ اڌوري رهندي.

جويو صاحب جون علمي خدمتون پنهنجي مٽ
پاڻ آهن، ادب جي ميدان ۾ اعليٰ رتبو حاصل ڪرڻ
بابت زالن ڪانئي جو مرتبو آزا آڳي علامه يا ڊاڪٽر
سنڌ جي هن ميدان ۾ ڪجهه شخصيتون اهڙيون به آهن
جي ڪڏهن لقبن ۽ تمغن جون محتاج نه رهيون.

امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي، پير
حسام الدين شاهه راشدي، قريشي حامد علي خانائي،
علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽
ٻيا به ڪيترائي نالا آهن جن سنڌي ٻولي، ادب
تاريخ ۽ تحقيق کي بلندين تي پهچايو آهي.

آئون محترم ابراهيم جويو کي خراج تحسين
پيش ڪندي انتهائي خوشي محسوس ڪريان ٿو ۽
سنڌي ادبي بورڊ طرفان سندس ـــ شهيد راڻي محترمه
بينظير ڀٽو صاحبه تي ڪيل شاعري کي ڪتابي صورت
۾ آڻي عوام آڏو پيش ڪري رهيا آهيون.

جميل الزمان
چيئرمين سنڌي ادبي
بورڊ

17 جون 2015ع
اسيمبلي بلڊنگ
ڪراچي سنڌ.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.